SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XL مجريہ 1984
SINDH ORDINANCE NO.XL OF 1984
سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984
THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XIV مجريہ 1973 جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act XIV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر XL مجريہ 1984
SINDH ORDINANCE NO.XL OF 1984
سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984
THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[6 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو. ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.
(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XIV مجريہ 1973 جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ 1973 جي دفعہ 5 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ۾ بعد ۾ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ٿيندو:
بشرطيڪ معذور اشخاص، جنهن جي وضاحت معذور

Act XIV of 1973

اشخاص (مقرري ۾ بحالي) آرڊيننس، 1981 ۾ ڪئي وئي آهي، آسامي خالي ٿيڻ جي حيثيت ۾، انهن کي هڪ سيڪڙو آسامين تي مقرر ڪيو ويندو.

نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.